# 1973 جي آئين تحت

# معلومات تائين رسائي جو قانون

## آرٽيڪل 19 اي، معلومات تائين رسائي

”قانوني ضابطن ۽ مناسب حد بندين ڪي نظر ۾ رکندي، هر شهريءَ کي عوامي اهميت جي حامل سمورن مامرن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل هوندو “



# عوام لاءِ معلوماتي ڪتابچو

## تعارف

ڪائنات ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن غير منافع بخش ۽ رضاڪارانہ ايڪٽ تحت رجسٽر ٿيل آهي ، جيڪا 2001 کان ڪم ڪري رهي آهي . صحت جي بنيادي سهولتن جي بهتري، معياري تعليم جي حاصلات ، ذهني اوسرجي ذريعي بيروزگاري گهٽائڻ ، جنسي تشدد ۽ ڪاروڪاري جو خاتمو، سندن اهم مقصدن ۾ شامل آهن . ڪائنات سرڪاري توڙي پرائيويٽ ادارن ۾ شراڪت ذريعي سنڌ جي اترين ضلعن جي عوام کي فائدو پهچائي رهي آهي .ڪائنات ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن، جنهنجي آفيس ڪنڌڪوٽ ضلع ڪشمور ۾ آهي، پنهنجي ابتدائي ڪوشش سان ٻهراڙي توڙي شهري ترقي لاءِ ڪم ڪري رهي آه ي،

ڪائنات ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن يو ايس ايڊ جي سٽيزنز وائس پراجيڪٽ جي تعاون سان هڪ پراجيڪٽ ”**سماجي خدمتن جي حاصلات لاءِ جوابده معاشري جي ابتدا**“ شروع ڪيو آهي، جنهن جا هيٺيان مقصد آهن.

- ✓ لاڙڪاڻا ڊويزن جي ، پنج ضلعن ۾ تعلقہ ۽ ضلع سطح تي، 26 ڪاميٽين جو بنياد وجهڻ
- ✓ شهري توڙي ٻهراڙي جي ڪم ڪندڙ سول سوسائٽي جي 5000 فردن جي سماجي ڀلائي جي فيصلا سازي ۾ شراڪت وڌائڻ.
- ✓ تعليم، صحت ۽ بلديہ جي 75 سرڪاري افسرن جي شفافيت ۽ جوابدهي واري پڇ ڪي اجاگر ڪرڻ.
- ✓ 1973 جي آئين جي آرٽيڪل 19 . اي ، معلومات تائين رسائي جي تحت معاشري جي هر فرد ۾ شفافيت ۽ جوابدهي جي شعور جي سجاڳي پيدا ڪرڻ.
- ✓ شهرين کي اينٽي ڪرپشن ۽ جوابده ادارن ۽ ان سان لاڳاپيل ادارن ۽ ان جي طريقيڪارن متعلق ڄاڻ مهيا ڪرڻ.

## 1973 جي آئين آرٽيڪل 19 اي معلومات جي رسائي

ڄاڻ، جمهوري عمل لاءِ ڄڻ آڪسيجن آهي، جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي آسپاس جي خبر چار کان اڻواقف هوندا، جيڪڏهن مٿن حڪمراني ڪندڙن جا عمل ڪائنن ڳجها رکيا ويندا تہ پوءِ اهي سماج ۾ پنهجو مثبت ڪردار ادا نہ ڪري سگهندا، پر ڄاڻ فقط ماڻهن جي ضرورت ناهي، اها هڪڙي بهتر حڪومت جو اهم حصو پڻ آهي.

جيتوڻيڪ جمهوري حڪومتون بہ ڪافي ڪم عوامي اک کان بچائيندي ڪن ٿيون ۽ ان جا هو ڪيترائي سبب پڻ ڄاڻائين ٿيون جهڙوڪ: عوامي دفاع ۽ عوام جا وسيع تر مفاد ، اڪثر حڪومتون، سرڪاري معلومات کي عوام جي امانت نہ پر پنهجي ملڪيت سمجه ن ٿيون، انهيءَ ڪري بين الاقوامي اصولن تحت آرٽيڪل 19-اي کي پيش ڪيو ويو، تہ جيئن هڪڙو اهڙو معيار مقرر ڪري سگهجي، جنهن تحت معاشري جو هر فرد سرڪاري نظام جي ڪاروهنوار کان با خبر هجي .پاڪستان جو آئين شهر ن توڙي ڳوٺن ۾ رهندڙ هر فرد تائين سرڪاري نظام جي ڪاروهنوار جي متعلق معلومات جي رسائي واري حق کي تسليم ڪري ٿو.

ارڙهين ترميم (اپريل 2010) تحت آئين ۾ 19-اي وارو نئون آرٽيڪل شامل ڪري، هن ملڪ جي هر فرد تائين سرڪاري نظام جي ڪاروهنوار جي معلومات جي رسائي واري حق کي تسليم ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ ۾ آرٽيڪل 19، اظهار جي آزادي جي موضوع هيٺ ، هر شهريءَ کي تقرير ۽ اظهار جي آ زادي جو حق حاصل هوندو ۽ سمورا پريس جا ادارا اسلام جي سربلندي ۽ پاڪستان جي حفاظت ۽ سالميت کي مدِنظر رکندي، قانوني حد بندين جي پاسداري ڪندا ۽ پوري ريت آزاد هوندا.

قانون جي حد بندين ۾ پاڪستان جا ٻاهرئين ملڪن سان لاڳاپا ۽ ملڪي امن امان جي صورتحال، اخلاقي قدر ، عدالتن جي پاسداري ۽ ڪنهن بہ جرم ۾ ملوث هجڻ يا ان لاءِ پڙڪائڻ وغيره شامل آهن. جڏهن تہ آرٽيڪل 19-اي ”معلومات تائين رسائيءَ معنيٰ“ قانوني ضابطن ۽ مناسب حد بندين ڪ ي نظر ۾ رکندي، هر شهريءَ کي عوامي اهميت جي حامل سمورن مامرن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل هوندو.“

## معلومات تائين رسائيءَ وارو قانون جا محرڪ

معلومات تائين رسائيءَ وارو قانون شهرين توڙي حڪومت ج ي حق ۽ فرضن تي روشني وجهي ٿو.

✓ **سيڪشن پهريون**

حڪومت جو فرض آهي ته انهي معلومات کي بروقت ڇپائي پڌرو ڪري ۽ عوام تائين پهچائي ان ۾ اها معلومات اهم آهي جيڪا بنيادي حقن کي متاثر ڪري سگهي ٿي، جهڙوڪ : بغير درخواست ڏيڻ جي هر شهريءَ جو معلومات حاصل ڪرڻ جو حق ان ڏس ۾ معلومات کي وڏن بوردن تي لڳرائي پڌرو ڪري سگهجي ٿو يا ويب سائيٽ تي رکي سگهجي ٿو.




✓ **سيڪشن ٻيو**

سيڪشن ٻئي ۾ ، اُهي شهري شامل آهن جيڪي معلومات تائين رسائيءَ واري حق کي استعمال ڪندي، وڌيڪ تفصيلي معلومات جي گهر ڪن جيڪي هو درخواست ڏيڻ تي ئي حاصل ڪري سگهن ٿا .جانچ پڙتال لاءِ مڙني رڪارڊن جي گهر ڪرڻ تي ڪنهن به ڪاغذ جا سچا نقل حاصل ڪرڻ، انهيءَ حق جي حوالي سان فيصلا ڪُن عمل آهي . انهيءَ ڳالهه جي خود وڏي اهميت آهي ته معلومات ڪهڙي قسم جي ۽ ڪيتري قدر مهيا ڪئي ٿي وڃي، ڇا ڪاڻ جو ان سان ان ڳالهه جو اندازو ٿيندو ته شهرين جي گهر کي ڪيتري موثر طريقي سان پورو ڪيو ويو آهي.جيئن‌ته‌ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه شرط لاڳو ٿين ٿا . حڪومت جي شراڪت ۽ نظرداريءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته شهري پنهنجي انهيءَ حق ۽ ان جي طريقيڪار کان بخوبي واقف هجن . انهيءَ ڪري، ان جي شروعاتي مرحلن ۾ ئي ان بابت ڄاڻ ڦهلائڻ جي ضرورت آهي . ڪميونٽيءَ جي مقامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي عملي رهنمائيءَ جي ضرورت آهي، ته جيئن عام ماڻهو پنهنجي انهيءَ حق کي باخوبي نڀائي سگهن.ان ڳالهه جي پڻ ضرورت آهي ته ان قانون کي لاڳو ڪندڙن جي تربيت ڪئي وڃي ته جيئن هو ان کي به تر نموني سمجهي ۽ سمجهائي سگهن ۽ ان تحت داخل ٿيندڙ درخواستن ۽ اپيلن کي بهتر نموني اُڪلائي سگهن.

## معلومات جي رسائي جيڪا فردن کي فائدو پهچائي سگهيٿي

انهيءَ قسم جي ڄاڻ ، ڪيترن ئي قسمن جي ٿي سگهي ٿي جهڙوڪ سياست، عوامي ڀلائي ، صحت، تعليم، ماحوليات، سيڙپڪاري، تحفظ، عدل ۽ انصاف. عوامي فنڊ جو استعمال ڪٿي ۽ ڪئين ٿيو؟ هڪ پينشنر پنهنجي سموري رڪارڊ جي جانچ پڙتال ڪري سگهي ٿو، جيڪو حڪومت طرفان لاڳو ٿيل آهي . يا هر نيڪيدار کي اها ڄاڻڻ جو حق آهي ته ٽينڊر کهڙن بنيادن تي پاس ڪيا ويا.



## آرٽيڪل 19- اي تحت شفافيت

آرٽيڪل 19-اي مطابق شفافيت ڪجهه پاليسين ، عملن ۽ طريقيڪارن تحت عمل ۾ اچي ٿي ، جيڪا شهرين کي اختيار جي طريقيڪارن ۽ معلومات جي رسائي، استعمال، سمجهه ۽ آڏٽ ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي. شفافيت ان عمل جو نالو آهي ، جنهن وسيلي معاشري جو هر فرد اهو بخوبي ڏسي سگهي ٿو ته ڪهڙو عمل ڪئين ٿيو آهي.



## آرٽيڪل 19- اي تحت جوابدهي جو عمل

ملڪ جي ڪنهن به اداري جي، ذميوار فرد پنهنجن پنهنجن ذميوارين کي بخوبي نڀائڻ ۽ ان متعلق عوام اڳيان جوابده هجڻ کي جوابدهي چئجي . هر فرد، ڪنهن ڪان به آرٽيڪل 19 اي جي تحت پڇا ڪرڻ جو حق رکي ٿو.



## مينيجمينٽ يا انتظام ڪاري

مينيجمينٽ معنيٰ رٿابندي ، انتظام ڪـــاري ، عملي جي ڀرتي ، رهبري ۽ ڪنهن به تنظيم جا ڪوشش کي ڪنٽرول ڪرڻ ته جيئن ڪنهن به درخواست گذار کي سندس گهربل معلومات با آســاني ملي سگهي .

## آرٽيڪل 19-اي تحت بهتر حڪمراني

حڪمراني حڪم ۽ ان جي تڪميل واري عمل کي چئبو آهي يا جنهن موجب اهي فيصلا عمل ۾ اچن ٿا . بهتر حڪمراني ۾ شفافيت جو هجڻ لازمي آهي.حڪومت جي اها ذميواري هوندي آهي ته هر اها معلومات جيڪا عوام جي لاءِ فائدي مند هجي. ان معلومات جي رسائي کي عوام لاءِ ڪنهن به صورت ۾ ممڪن بنائي ۽ مختلف رٿابندين ۾ عوام جي نمائندگي ۽ شراڪت داري کي پڻ ممڪن بڻائي.




## انساني حقوق

اهي حـــق جيڪي دنيا ۾ جنم وٺندڙ هر انسان کي ڪنهن بـ قسم جي فرق کان ڪانسواءِ، جيئڻ جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪن ٿا. جهڙوڪ تحفظ، انصاف، معياري تعليم ۽ صحت شامل آهن. انهن سمورن حقن ۾ آرٽيڪل 19 اي تحت معلومات جي رسائي کي بنيادي حق طور تسليم ڪيو ويو آهي.

## لاتعلقيءَ جو اعلان

هرڪتابچي جي تياري آمريڪا جي گڏيل رياستن جي بينالاقوامي ترقي واري اداري (يو ايس ايڊ) ذريعي، آمريڪي عوام جي سهڪارسان ممڪن بڻائي وئي آهي. جڏهن ته ان مواد جي متن جي سموري ذميواري ڪائنات ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن جي آهي. ضروري ناهي ته يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت انهواء ۾ پيش ڪيل خيالن سان اتفاق رکندا هجن.

## رابطي جي لاءِ ائڊريس

**ڪائنات ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن**
سامهون بگٽي رائس مل، رسالدار روڊ ڪنڌڪوٽ
پي سي 79160 ضلع ڪشمور.
فون نمبر 0722572186
فيڪس نمبر 571915-0722
موبائل نمبر 03337344282
Email: kainaatwa@yahoo.com
Website: www.kda.org.pk